باب
# 8
# دوا ڪيئن ماپي ۽ ڏني وڃي



2 = 1 + 1

ٻه برابر هڪ واڌو هڪ

**نشانيون:**

= جي معنيٰ آهي: **برابر يا هڪ جيترو**

+ جي معنيٰ آهي: **۽ يا وڌيڪ**

**اڻ پوري يا ٽُڪل ماپ ڪيئن لکجي ٿي**



1 گوري = هڪ سڄيءَ گوري =

1/2 گوري = اڌ گوريءَ =



1-1/2 گوري = هڪ سڄيءَ ۽ هڪ اڌ يعني ڏيڍ گوريءَ =



1/4 گوري = هڪ گوريءَ جو چوٿون حصو =



1/8 گوري = هڪ گوريءَ جو اٺون حصو. (گوري اٺن حصن ۾ ڀڃي ان جو هڪ حصو کائڻ) =

## ماپڻ:

عام طور تي دوا، گرامن، (گ) ۽ ملي گرامن (م گ) جي حساب سان ماپي وڃي ٿي.

1000 م گ = هڪ گرام جي (هڪ گرام ۾ هڪ هزار ملي گرام ٿين ٿا.)

1 ملي گرام = 0.001 گرام جي (هڪ ملي گرام، هڪ گرام جي هزارين پتي ٿئي ٿي)

**مثال:**



وڏن جي لاءِ استعمال ۾ ايندڙ ائسپرن جي هڪ گوريءَ ۾ ايسپرين جا 300 ملي گرام ٿين ٿا.

.3 گ
0.3 گ
0 .300 گ
300 م گ

اهي سڀ مثال 300 ملي گرام ٻڌائڻ جا مختلف طريقا آهن



ٻارڙن جي لاءِ استعمال ۾ ايندڙ ائسپرين جي هڪ گوريءَ ۾ ائسپرين جا 75 ملي گرام ٿين ٿا.

.075 گ
0 .075 گ
75.0 م گ
75 م گ

اهي سڀ مثال 75 ملي گرام ٻڌائڻ جا مختلف طريقا آهن

**نوٽ:** ڪيترن ملڪن ۾ اڃان تائين ڪي دوائون گرين (grains) جي حساب سان ماپيون وڃن ٿيون. هڪ گرين = 65 ملي گرامن جي، جنهن جو اهو مطلب ٿيو تہ 5 گرينن واري ائسپرين جي گوريءَ جو وزن اندازاً 300 ملي گرام ٿئي ٿو.

گهڻي ڀاڱي اها ڄاڻ رکڻ بہ ضروري ٿئي ٿي تہ ڪنهن ۾ دوا جا ڪيترا گرام يا ملي گرام آهن.

مثال طور: جيڪڏهن توهان ڪنهن ٻار کي، وڏن واري ائسپرين جي ذري ڏيڻ چاهيو پر توهانکي اها ڄاڻ نہ هجي تہ انلاءِ گوريءَ جو ڪيترو حصو ڪاٽڻ گهرجي تہ . . .




گوري جنهن پني ۾ ويڙهيل آهي اهو پڙهي ڏسو. ان تي لکيل هوندو:

ايسيٽائيل سيليسيلڪ ائسڊ 0.3 گرام

(ايسي ٽائيل سيليسيلڪ ائسڊ = ائسپرين)

0.3 گرام = 300 ملي گرام ۽ 0.75 گرام = 75 ملي گرامن جي. ان مان توهان سمجهي ويندا تہ وڏن جي لاءِ استعمال ۾ ايندڙ ائسپرين جي هڪ گوري جو وزن، ٻارن واري ائسپرين جي گوريءَ جي پيٽ ۾ چئوٽو آهي.



جيڪڏهن توهان وڏن جي ائسپرين جي هڪ گوريءَ جا چار حصا ڪندو تہ،

هر چوٿاڄ = ٻار جي هڪ ائسپرين



75 ملي گرام

75 ملي گرام

75 ملي گرام

75 ملي گرام



ٻارن واريون ائسپرين جون 4 گوريون

300 ملي گرام =



هڪ عام ائسپرين جي گوريءَ

جيڪڏهن توهان وڏن جي ائسپرين جي هڪ گوريءَ جا چار هڪ جيترا حصا ڪيو تہ اهڙو هر حصو ٻار جي ائسپرين بدران ڪيس ڏئي سگهجي ٿو. اهي ٻئي هڪ جيترا آهن تہ وڏن جي ائسپرين جي ٽڪي سستي بہ پوندي.

**احتياط**: گهڻيون دوائون خاص طور تي ائنٽي بايوٽڪ مختلف وزنن ۽ سائيزن ۾ ملن ٿيون جهڙوڪ ٽيٽرا سائيڪلن ڪئپسول هيٺين 3 وزنن ۾ ملن ٿا.




**اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ دوا ڏسيل وزن جيتري ڏيڻ گهرجي.** جنهن لاءِ اهو ڏسڻ ضروري ٿئي ٿو تہ دوا ڪيترا گرام يا ملي گرام آهي.

**مثال طور**: جيڪڏهن ڊاڪٽر ٽيٽرا سائيڪلن جو 250 ملي گرام وارو ڪئپسول ڏينهن ۾ 4 دفعا ڪاٽڻ لاءِ چيو آهي، پر توهان وٽ رڳو 50 ملي گرامن وارا ڪئپسول آهن تہ توهانکي 50 ملي گرامن جا 5 ڪئپسول ڏينهن ۾ چار دفعا ڪاٽڻا پوندا (يعني - هڪ ڏينهن ۾ 20 ڪئپسول)

50 ملي گرام+ 50 ملي گرام+ 50 ملي گرام+ 50 ملي گرام+ 50 ملي گرام = 250 ملي گرام



## پينسلين جو وزن ڪرڻ:

عام طور تي پينسلين جو وزن 'يونٽن' ۾ ڪيو ويندو آهي.

يو = يونٽ 1,600,000 يونٽ = هڪ گرام = 1,000 ملي گرام

پينسلين جا ڪيترا قسم (گوريون ۽ انجيڪشنون) 400,000 يونٽن جا ٿين ٿا

400000 يونٽ = 250 ملي گرام

# پاڻيٺون / پنڙيون دوائون

شربت، ٽانڪ ۽ ٻيون پاڻيٺون دوائون، ملي لٽرن (.ml) ۾ ماپيون وڃن ٿيون.

م ل = ملي لٽر                هڪ لٽر= 1000 ملي لٽر

عام طور تي پاڻيٺون دوائون وڏي يا ننڍي چمچي جي حساب سان استعمال ڪرڻ لاءِ ڇيو وڃي ٿو.

ننڍيو چمچو (چاءِ جو) = 5 ملي لٽرن جي        هڪ وڏو چمچو (ڪاڏي جو) = 15 ملي لٽرن جي



ٽي ننڍا چمچا = هڪ وڏي چمچي جي

جڏهن دوا جي شيشي تي لکيل هجي: 1 ننڍو چمچو ته توهانکي 5 ملي لٽر دوا پيئڻ گهرجي.

ڪيترا اهڙا ننڍڙا چمچا جيڪي ماڻهو استعمال ڪن ٿا، **انهن مان ڪي 8 ملي لٽرن جا ته ڪي 3 ملي لٽرن جا ٿين ٿا. دوا ڏيڻ وقت ان ڳالهه ڌانهن ڌيان ڏجي ته چمچو** 5 ملي لٽرن وارو **ئي هجي . . . نه ننڍو ۽ نه وڏو.**

## اها ڪيئن پڪ ڪجي ته ننڍو چمچو 5 ملي لٽرن جو ئي آهي

1. پنج ملي لٽر ماپڻ وارو هڪ چمچو خريد ڪريو.



**يا**

2. ڪا اهڙي دوا خريد ڪريو جنهن سان پلاسٽڪ جو چمچو به هجي. اهو جڏهن پرجي ٿو ته 5 ملي ليٽرن جو ٿئي ٿو، اڌ تائين ڏنل ليڪ جي نشان تائين پريو ته منجهس 2.5 ملي لٽر ايندا. اهڙو چمچو سنڀالي رکو ته جيئن ان رستي ٻيون دوائون ماپي سگهو.




**يا**




3. گهر ۾ موجود ڪنهن به ننڍي چمچي کي، انجيڪشن رستي يا ڪنهن ٻئي ماپ سان 5 ملي لٽر پاڻي وجهو، **چمچي ۾ جيستائين اچي اتي نشان ڪري ڇڏيو.**

# ننڍن ٻارن کي دوا ڪيئن ڏجي

ڪيترين دوائون جيڪي گورين ۽ ڪئپسولن ۾ ملن ٿيون اهي ٻارن لاءِ شربتن ۽ ڳارن جي صورت ۾ (مخصوص پاٽيٽ ۾) به ملن ٿيون. دوا جي مقدار جي ڀيٽ ڪرڻ سان توهانکي اها به خبر پوندي ته شربت، گورين ۽ ڪئپسول جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ مهانگو آهي، تنهنڪري توهان هيٺ ڏنل طريقي سان پاڻ شربت ناهي پئسا بچائي سگهو ٿا.

اوٻاري ٿڌو ڪيل پاڻي

ڪنڊ يا ماکي



جيڪڏهن دوا گهڻي ڪڙي هجي (جهڙوڪ ٽيٽرا سائيڪلن يا ڪلورو ڪوئن) ته منجهس وڌيڪ ڪنڊ يا ماکي ملايو.

پينٽل پائوڊر کي اوٻاريل پاڻي (ٿڌي) ۽ ڪنڊ يا ماکيءَ ۾ ملايو.

گوريءَ کي چڱي طرح سان پيهي سنهو ڪريو



يا ڪئپسول کوليو



ٻارن لاءِ گورين يا ڪئپسولن مان شربت ناهڻ وقت بلڪل خيال ڪجي ته **جيئن ڪين وزن کان وڌيڪ دوا نه ڏني وڃي. ساڳئي وقت 1 سال کان ننڍيءَ عمر جي ٻارڙي کي ماکي نه چٽائجي**. چاڪاڻ ته ورلي ماکي خطرناڪ اثر پيدا ڪري سگهي ٿي.

**احتياط:** جڏهن ٻار پنيءَ ۾ سميل يا جڏهن سندس منڊي پوئتي لڙڪيل هجي تڏهن ڪيس دوا ڏيڻ نه گهرجي، نه ته ساهه گهٽجي سگهيس ٿو. ٻار کي دوا تڏهن ڏيڻ گهرجي جڏهن هو ويٺل هجي يا سندس منڊي مٿتي ڪنيل هجي. ٻار کي جڏهن دورو پيو هجي، ننڊ ۾ هجي يا بيهوش هجي ته اهڙين حالتن ۾ ڪيس هرگز دوا ڏيڻ نه گهرجي.

## جيڪڏهن توهانکي رڳو وڏن کي دوا ڏيڻ جون هدايتون هجن ته اهڙيءَ حالت ۾ ننڍڙن کي ڪيتري دوا ڏيڻ گهرجي؟

عام طور تي ٻار جيترو ننڍڙو اوترو ڪيس گهٽ دوا ڏني وڃي ٿي. ڪيس ضرورت کان وڌيڪ دوا ڏيڻ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن توهانکي ٻارن کي دوا جي ڏيڻ جي خبر هجي ته ان مطابق ڪين دوا ڏيڻ گهرجي. وزن جي خبر نه هجي ته ٻار جي وزن ۽ عمر مطابق دوا جي وزن جو اندازو ڪجي. عام طور تي وڏن جي ڀيٽ ۾ ننڍن ٻارن کي هيٺين حساب سان دوا ڏني وڃي ٿي:

بالغ: هڪ وزن

ٻارڙا 8 کان 13 سال 1/2 وزن

ٻارڙا 4 کان 7 سال 1/4 حصو

ٻارڙا 1 کان 3 سال 1/8 حصو

هڪ سال کان گهٽ عمر جي ٻار کي هڪ سال واري ٻار جيترو وزن ڏيو، ممڪن ٿي سگهي ته ان لاءِ اڳ ۾ ڊاڪٽر سان صلاح ڪريو




11 پائونڊ

132 پائونڊ. 66 پائونڊ 33 پائونڊ 17.6 پائونڊ

**هڪ ڪلوگرام = 2.2 پائونڊ**

# دوا کيئن استعمال ڪجي: هڪ ڪلوگرام = 2.2 پائونڊ



ضروري سمجهيو وڃي ٿو ته دوا، مقرر وقت تي کائجي. ڪي دوائون ڏينهن جو رڳو هڪ دفعو ته ڪي هڪ کان وڌيڪ ڀيرا وٺڻ گهرجن. جيڪڏهن توهان وٽ گهڙيال/ واچ ناهي ته پرواهه ناهي. جيڪڏهن هدايت ڪئي ويئي آهي ته 'هڪ گوري هر 8 ڪلاڪن ڪانپوءِ' ته ڏينهن ۾ ٽي دفعا گوريون کائو يعني: هڪ صبح، هڪ ٻنپهرن ۽ هڪ رات جو. پر جيڪڏهن 'هر 6 ڪلاڪن ڪانپوءِ هڪ گوري' کائڻ جو چيو ويو آهي ته، ڏينهن ۾ 4 دفعا گوري کائو، يعني: هڪ صبح، ٻي منجهند، ٽين ٽنپهرن ۽ چوٿين رات جو. پر جي'هڪ گوري هر چئن ڪلاڪن ڪانپوءِ' کائڻ جو چيو ويو آهي ته سڄي ڏينهن ۾ 6 گوريون، هر گوري هڪ جيتري وقفي ڪانپوءِ کائڻ گهرجن.

جڏهن ڪنهن ٻئي کي دوا ڏجي تڏهن بهتر سمجهيو وڃي ٿو ته دوا کائڻ جو طريقو لکي ڏجي. مريض کي چئجي ته هو دوا ڪيتري وزن ۾ ۽ ڪيترا ڀيرا کائيندو اها ڳالهه توهانکي ورجائي. پڪ ڪجي ته هن دوا استعمال ڪرڻ جي ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهي آهي.



اڻ پڙهيل کي سمجهائڻ لاءِ ته ڪيس دوا ڪڏهن کائڻي آهي، ڪيس هن قسم جو هڪ خاڪو ٺاهي ڏيڻ گهرجي.

هيٺئين خالي خانن ۾ دوا جو وزن ٺاهي ڪيس چڱيءَ طرح سمجهائجي ته ان جو مطلب.

**مثال طور:**



ان جو مطلب آهي، 1 گوري ڏينهن ۾ 4 دفعا کائڻي آهي. يعني هڪ سج ايرڻ وقت، هڪ ٻنپهرن، هڪ سج لٿي ۽ هڪ رات جو.

هن جو مطلب آهي ته 1/2 گوري ڏينهن ۾ چار دفعا کائڻي آهي.



هن جو مطلب آهي ته 1 ڪيپسول ڏينهن ۾ ٽي دفعا کائڻو آهي



هن جو مطلب آهي 1/4 گوري ڏينهن ۾ چار ٻه دفعا کائڻي آهي



هن جو مطلب آهي دوا جا ٻه ننڍا چمچا ڏينهن ۾ ٽي دفعا پيئڻا آهن



## جڏهن ڪنهن کي دوا ڏيو تڏهن:




هميشہ دوا سان گڏ هڪ پرچي تي هينيون سڀ ڳالهيون لکي ڇڏيو پوءِ چاهي اهڙو فرد پڙهيل هجي يا اڻ پڙهيل:

- مريض جو نالو
- دوا جو نالو
- ڪهڙي بيماريءَ لاءِ دوا ڏني ويئي آهي
- وزن

هن قسم جي خاڪن جو هڪ صفحو ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل آهي؟

اهو ڦاڙي يا ڪاپي ڪري گهرج وقت استعمال ڪريو. صفحا ختم ٿي وڃن وڌيڪ پاڻ تيار ڪريو.

جڏهن ڪنهن کي دوا ڏيو تہ ان جو پاڻ وٽ بہ رڪارڊ رکو. ممڪن ٿي سگهي تہ مريض جي هڪ مڪمل رپورٽ بہ رکو.

## دوا خالي پيٽ سان کائڻي آهي يا ڀريل پيٽ سان:

ڪي دوائون جڏهن خالي پيٽ سان کائجن تڏهن سنو اثر ڪن ٿيون يعني اهڙيون دوائون کاڌي کائڻ کان هڪ ڪلاڪ اڳ۾ کائڻ گهرجن.

ڪي دوائون جڏهن کاڌي سان گڏ يا کاڌي کائڻ کان سنت پوءِ استعمال ڪجن تہ پيٽ خراب ٿيڻ يا سيني جي ساڙي پيدا ٿيڻ جو امڪان گهٽجي وڃي ٿو.

**هي دوائون کاڌي کائڻ کان هڪ ڪلاڪ اڳ ۾ کائجن:**

- پينسيلين
- ايمپي سيلين
- ٽيٽرا سائيڪلين
- ٽيٽرا سائيڪلين کائڻ کان هڪ ڪلاڪ اڳ۾ يا هڪ ڪلاڪ پوءِ کير نہ پيئجي تہ بهتر آهي.

**هي دوائون کاڌي سان گڏ يا کاڌي کائڻ کان سنت پوءِ (يا گهڻي پاڻيءَ سان) کائجن:**

- ايسپرين يا ايسپرين مليل دوائون
- فولاد (فيرس سلفيٽ)
- وٽامنون
- اِرٿرومائيسن

معدي جي تيزابيت ختم ڪندڙ دوائون تڏهن وڌيڪ اثرائتيون ثابت ٿين ٿيون، جڏهن خالي پيٽ، کاڌي کائڻ کان 1 يا 2 ڪلاڪ پوءِ يا سمهڻ وقت استعمال ڪجن.

**نوٽ:** بهتر سمجهيو وڃي ٿو تہ دوا وينل يا بينل حالت ۾ کائجي ۽ هر دفعي دوا کائڻ کانپوءِ هڪ گلاس پاڻي بہ پي ڇڏجي. ڪا سلفا دوا استعمال ڪجي تہ جام پاڻي پيئڻ گهرجي يعني تہ ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 8 گلاس ضرور پيئجن، تہ جيئن بڪين کي نقصان پهچي نہ سگهي.